# قارُون کي نصيحت

**01-February-24**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

1 فيبروري، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قارُون ڪي نصيحت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... قارون ڪي 5 نصيحتون
- ... هڪ مغرور جو عبرتناڪ انجام
- ... بادشاهن جا عبرتناڪ جملا
- ... اسان مال جا مالڪ ناهيون، وڪيل آهيون

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سِواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا (1): اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتي جي پريشاني پري ڪري (2): منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو (3): مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.[1]

بيٹھتے اُٹھتے، جاگتے سوتے | ہو اِلٰہی مرا شِعَار درود[2]

وضاحت: ياالله پاڪ! اهڙي تَوفيق عطا فرماءِ جو اُٿندي، ويهندي، سمهندي، جاڳندي بَس هر وقت درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻجي وڃي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[3]

---

1...البدور السافرة، صفحہ:169-170، حديث:364۔

2...ذوقِ نعت، صفحہ:124۔

3...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی،باب كيف كان بدء الوحی الی رسول اللہ، صفحہ:65، حديث:1۔

**پيارا اسلامي ڀائرو!** چڱي نيت ٻانهي کي جنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون نيتون ڪري وٺو، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَ اللّٰه چئي ان جو اظهار ڪريو: ❁ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❁ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي وين، گھر وڃي گھروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

# قارون جو عبرتناڪ واقعو

پيارا اسلامي ڀائرو! قارون موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو سؤٿ هيو❁ گھڻو مالدار هو ❁ تمام خوبصورت به هو ❁ آسماني ڪتاب تورات شريف جو تمام بهترين قاري به هو. ❁ پوءِ ان کي مال عطا ڪيو ويو. ❁ روايتن مطابق جڏهن قارون سوار ٿي نڪرندو هو ته ڪيئي خچرن تي سندس خزاني جون صرف چابيون رکيون وينديون هيون. ايترو مال ملڻ کان پوءِ قارون کي گھرجي ها ته اللّٰه پاڪ جي حضُور ۾ جهڪي ها، ان جو شڪر ادا ڪري ها پر هي بدبخت، بدباطن نڪتو، ان سرڪشي جي واٽ اپنائي ۽ منافق ٿي ويو.[1]

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: قارون حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان حسد ڪندو هيو، جيئن ته ان بدبخت ڪجھ ماڻهن سان ملي ڪري پنهنجي هڪ الڳ جماعت ٺاهي، ان هڪ عاليشان گھر تيار ڪرايو، اُن ۾ سون جو دروازو لڳرايو، ديوارن تي به سون جو ڪم ڪرايو. دروازو به سون جو لڳايو ۽ ان جي ديوارن تي به سون جو ڪم ڪيو ويو. بني اسرائيل جا ماڻهو صبح و شام ان وٽ حاضري ڀريندا، ماني کائيندا، ڳالهيون ٻڌائيندا ۽ قارون کي کلائيندا هئا.

---

1 حاشيہ صاوی مع جلالین، پارہ:20، سورۂ قصص ، زیرِ آیت:76تا81، جلد:2، صفحہ: 300و303 ملتقطاً۔

قارون جي انهن سيني حرڪتن باوجود حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان سان حُسن اخلاق وارو معاملو ڪندو هو پر هي هر وقت ڪين تڪليف ڏيندو هو، ان جي سرڪشي ۽ تڪبر ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويو. آخرڪار جڏهن زڪوات جو حڪم نازل ٿيو ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قارون کي به زڪوات ڏيڻ جو حڪم ڏنو ته مال جي لالچ ۾ اچي ڪري ان بدبخت بي حيائي جي انتها ڪري ڇڏي. ان هڪ عورت کي رقم جي لالچ ڏئي هن ڳالھ تي راضي ڪيو ته اها الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي بدڪاري جو الزام هڻي. اها عورت مال جي لالچ ۾ اچي ڪري هن وڏي گناھ جي لاءِ راضي ٿي وئي پر بني اسرائيل جي مجمعي ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون اهڙو گهٽيا الزام حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي هڻڻ جي ان کي جرئت نه ٿي ۽ ان خوفِ خدا جي سبب سڀ ڪجهه سچ سچ ٻڌائي ڇڏيو.

قارون جي ايڏي گهٽيا حرڪت کي ڏسي ڪري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام الله جي بارگاھ ۾ مٿو جهڪائي عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جيڪڏهن مان تنهنجو سچو رسول آهيان ته قارون تي غضب نازل فرماءِ. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هي دعا قبول ٿي ۽ حڪم ٿيو: اي موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام! زمين کي اوهان جي ڳالھ مڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اوهان ان کي جيڪو چاهيو حڪم ڏيو. جيئن ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين کي حڪم ڏنو ته زمين قارون، ان جي ساٿين ۽ سڄي خزاني کي پنهنجي اندر دٻائي ڇڏيو.[1]

حُبِّ دُنيا سے تُو بچا يارب | عاشقِ مُصطَفٰے بنا يارب

---

1 حاشيه صاوی مع جلالين، پاره:20، سورۂ قصص ، زيرِ آيت:76تا81، جلد:2، صفحہ: 300تا303 ملتقطاً۔

| | |
|---|---|
| آہ! طُغیانیاں گناہوں کی | پار نیّا مِری لگا یارب |
| نفس و شیطان ہوگئے غالب | ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارب |
| حرصِ دنیا نکال دے دل سے | بس رہوں طالبِ رضا یارب (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قارون کي پنج نصيحتون

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم ۾ ڪجھ مقامن تي عبرت جي لاءِ قارون جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سيپارو 20، سورت قصص، آيت نمبر 76 ۽ 77 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَیْهِمْ۪ وَ اٰتَیْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِی الْقُوَّةِۗ اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ الْفَرِحِیْنَ(۷۶) وَ ابْتَغِ فِیْمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَ لَا تَنْسَ نَصِیْبَكَ مِنَ الدُّنْیَا وَ اَحْسِنْ كَمَاۤ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَیْكَ وَ لَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِی الْاَرْضِؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ الْمُفْسِدِیْنَ(۷۷)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ قارون موسيٰ جي قوم مان هو پوءِ ان قوم تي زيادتي ڪئي ۽ اسان ڪيس ايترا خزانا ڏنا هئا جن جون ڪنجيون (ڪُنڄِڻ) هڪ طاقتور جماعت تي ڳريون هيون جڏهن ان کي سندس قوم چيو: آڪڙ نہ ڪر، بيشڪ الله آڪڙ ڪندڙن کي پسند ناهي ڪندو. ۽ جيڪو مال توکي الله ڏنو آهي ان جي ذريعي آخرت جو گھر طلب ڪر ۽ دنيا مان پنهنجو حصو نہ وسار ۽ احسان ڪر جيئن الله توتي احسان ڪيو آهي ۽ زمين ۾ فساد نہ ڪر، بيشڪ الله فسادين کي پسند ناهي ڪندو.

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:79، 81 ملتقطاً۔

هي 5 نصيحتون آهن جيڪي بني اسرائيل جي نيڪ مسلمانن قارون کي ڪيون، جيڪڏهن قارون اُنهن نصيحتن کي مڃي وٺي ها، انهن تي عمل ڪري ها تہ بُري انجام کان بچي وڃي ها پر هي بدبخت هيو، سندس دل تي ڪاراڻ چڙهي وئي هئي، اُن بدانجام نيڪ مسلمانن جي هنن نصيحتن کي سنجيده نہ ورتو، انهن پيارين پيارين نصيحتن کي هڪ ڪن کان ٻڌائين ۽ ٻي ڪن کان ڪڍي ڇڏيائين. پوءِ نتيجو ڇا نڪتو؟ هي بدبخت پنهنجي سرڪشي ۾ وڌندو ويو، وڌندو ويو، ايستائين جو حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي گستاخي ڪري وينو ۽ زمين ۾ دٻايو ويو ۽ رهندي دنيا تائين عبرت جو نشان بڻجي ويو.

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن پنج نصيحتن ۾ اسان سڀني جي لاءِ ۽ خاص ڪري مالدارن جي لاءِ گهڻو ڪجهہ سبق آهي. اچو! انهن پنج نصيحتن جي ڪجهہ وضاحت ٻڌون ٿا:

## (1) قارون کي پهرين نصيحت

نيڪ مسلمانن نصيحت ڪندي قارون کي چيو:

لَا تَفۡرَحۡ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡفَرِحِيۡنَ ﴿۷۶﴾

ترجموڪنزالعرفان: آڪڙ نہ ڪر، بيشڪ الله آڪڙ ڪندڙن کي پسند ناهي ڪندو.[1]

يعني اي قارون...!! الله پاڪ توکي مال ڏنو آهي تہ ان مال تي فخر و تڪبّر ڪرڻ، غرور ڪرڻ کان رڪجي وڃ، بيشڪ الله پاڪ تڪبّر ۾ اچي ڪري غرور ڪرڻ وارن کي پسند ناهي ڪندو.[2]

---

1 پاره:20، القصص:76

2 تفسيرِ جلالين، پاره:20، سورة قصص، زيرِ آيت:76، صفحہ:333بتصرف۔

# خوشي جا ٻہ قسم آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مقام تي هڪ ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! ڪا نعمت ملڻ تي اسان کي جيڪا خوشي ٿيندي آهي، اها خوشي ٻہ قسمن جي هوندي آهي (1): هڪ فخريہ خوشي ڪرڻ مثلاً ❁ مان هيترو مالدار آهيان ❁ منهنجو بينڪ بيلنس وڏيڪ آهي ❁ مون وٽ ڪوئيون وڏيڪ آهن ❁ مان هيترين گاڏين ۾ گهمندو آهيان، هي فخر ڪرڻ، آڪڙ ڪرڻ حرام آهي. (2) ۽ ٻي خوشي شڪراڻي جي هوندي آهي (مثلاً نعمت ملي ❁ دل نرم ٿي وئي ❁ دل ۾ شڪر جا جذبات پيدا ٿي رهيا آهن. ❁ بيهي بيهي خيال اچي رهيو آهي: افسوس! مان تہ نڪمو آهيان ❁ منهنجي ربّ مون تي ڪيترو ڪرم ڪيو ❁ مون کي اهڙين نعمتن کان نوازي ڇڏيو ❁ هاڻي ٻانهو خوش ٿي رهيو آهي ❁ خوشي ۾ مال ورهائي رهيو آهي ❁ ڏکارن جا ڏک ونڊي رهيو آهي. ❁ ربّ جي راهہ ۾ خرچ ڪري رهيو آهي ❁ ديني محفلون سجائي رهيو آهي ❁ نيڪ ڪم ڪري رهيو آهي ❁ بهرحال ان جي دل ۾ شڪر جا جذبات آهن ۽ اهو نعمت ملڻ تي ان شڪر جي جذبي ۾ خوش ٿي رهيو آهي) هي جيڪا خوشي آهي، اها عبادت آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْاؕ

ترجموڪنزالعرفان:تون فرماءِ الله جي ئي فَضَل ۽ سندس رَحمَت تي جڳائي تہ خوشي ڪن. (پاره:11،يُونُس:58)

اي عاشقانِ رسول! اسان کي گهرجي تہ اسان هميشہ جي لاءِ اها ڳالهہ پنهنجي دل ۾ ويهاري ڇڏيون، پنهنجي هي عادت بڻائي ڇڏيون تہ ننڍي کان ننڍي نعمت ملي يا وڏي کان وڏو انعام ملي وڃي ❁ ڪڏهن بہ نعمت ملڻ تي آڪڙ نہ ڪيون❁ فخر نہ ڪيون ❁ غرور نہ ڪيون بلڪ ❁ شڪر بجاآڻيندي

پنهنجو مٿو ربّ جي حضور ۾ جهڪائي ڇڏيون ۽ ان جو شڪر ادا ڪيون ۽ شڪر سان ئي خوشي ملهايون. ڏسو! قارون کي مال مليو، هي الله پاڪ جو انعام هيو پر هي بدبخت۽ مغرور ٿي ويو۽ بطور فخر۽ بطور تڪبّر خوش ٿيو ۽ ان آڪڙ ڪئي، پوءِ ان جو نتيجو ڇا نڪتو، **هُو بدبخت پنهنجي خزانن سميت زمين ۾ دٻايو ويو.**

## هڪ مغرور جو عبرتناڪ انجام

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآن ڪريم ۾ هڪ عبرتناڪ واقعو بيان ٿيو آهي. مان تفسيرن جي روشني ۾ مختصر طور اهو واقعو عرض ڪيان ٿو. جيئن ته واقعو هيئن آهي ته 2 شخص هئا، هڪ ڪافر هو ۽ ٻيو مسلمان هو. جيڪو ڪافر هو، اهو نهايت مالدار هو، ان وٽ کجورن جا 2 باغ هئا، ان ۾ انگورن جون وليون به هيون ۽ زمين ۾ ان فصل به پوکي رکيو هو، يعني 2 باغ هئا ۽ ٻنهي باغن ۾ 3 قسم جي پيدار هئي: (1) ان ۾ کجورون به هيون (2) انگور به هئا (3) ۽ فصل (مثلاً اناج وغيره) به هيو. اُن تي هڪ ٻي نعمت جو انهن باغن جي وچ مان نهر(شاخ) به وهندي هئي، يعني ان جو خرچ نه هجڻ جي برابر هو، پاڻي به خريدڻو نه پوندو هو ۽ پيداوار 3 قسم جي هئي، وري پاڻي پورو پورو ملڻ جي ڪري ٻئي باغ تروتازه به هئا، تنهنڪري کجورون به خوب ڪثرت سان ٿيون، انگور به گهڻي مقدار ۾ ٿيا ۽ فصل به خوب لٿو، پوءِ ان سان گڏوگڏ هن ڪافر کي ٻيو به گهڻو ڪجھ مال و دولت ڏنو ويو هو، ان وٽ سون به هو، چاندي به هئي ۽ ٻيو به تمام گهڻو سامان هو.

هاڻي ايترو مال هجڻ جي ڪري اهو مغرور ٿي ويو، فخر و تڪبر ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ ٻيو شخص جيڪو مسلمان هو ۽ غريب به هو، اهو مالدار شخص غرور ڪندي هن مسلمان کي چوڻ لڳو:

اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّ اَعَزُّ نَفَرًا ﴿۳۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: مان توکان وڌيڪ مالدار آهيان ۽ ماڻهن جي اعتبار سان بہ گهڻو طاقتور آهيان.[1]

يعني ❁ مان توکان وڌيڪ مالدار آهيان ❁ مون وٽ طاقت بہ وڌيڪ آهي ❁ منهنجو قبيلو ❁ ۽ خاندان بہ وڏو آهي ❁ ۽ منهنجا نوڪر چاڪر بہ گهڻا آهن. هاڻي غرور ڪرڻ وارو نهايت خوشي سان پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو ۽ تڪبر سان چوڻ لڳو:

مَاۤ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿۳۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: مان گمان نٿو ڪيان تہ هي (باغ) ڪڏهن ختم ٿيندو.[2]

هو جيڪو مسلمان هو، جيتوڻيڪ غريب هو پر ايمان جي لازوال دولت سان مالامال هو، ان هن مالدار متڪبر کي نصيحت ڪندي چيو:

اَكَفَرْتَ بِالَّذِیْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿۳۷﴾ لٰكِنَّاۡ هُوَ اللّٰهُ رَبِّیْ وَ لَاۤ اُشْرِكُ بِرَبِّیْۤ اَحَدًا ﴿۳۸﴾ وَ لَوْ لَاۤ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿۳۹﴾ فَعَسٰى رَبِّیْۤ اَنْ یُّؤْتِیَنِ خَیْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَ یُرْسِلَ عَلَیْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِیْدًا زَلَقًا ﴿۴۰﴾ اَوْ یُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِیْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا تون ان جو انڪار تو ڪرين جنهن توکي مٽي مان بڻايو پوءِ نطفي مان پوءِ توکي نيڪ مرد ڪيائين پر(مان تہ اهو ٿي چوان ٿو تہ). اهو الله ئي منهنجو رب آهي ۽ مان ڪنهن کي پنهنجي ربّ جو شريڪ نٿو

---

1 پاره:15، اَلْكَہْف:34
2 پاره:15، اَلْكَہْف:35

ڪيان. ۽ ايئن چونه ٿيو ته جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ وئين ته چئين ها: (هي سڀ اهو آهي) جيڪو الله گهريو، سڀ طاقت الله جي مدد سان ئي آهي جيڪڏهن تون مون کي پنهنجي مقابلي ۾ مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسي رهيو آهين ته قريب آهي جو منهنجو ربّ مون کي تنهنجي باغ کان سٺو ڏي ۽ تنهنجي باغ تي آسمان کان ڪنوڻ ڪيرائي ته اهو پَٽ ٿي صاف ميدا ٿي وڃي. يا ان باغ جو پاڻي زمين ۾ تمام هيٺ لهي وڃي پوءِ تون ان کي هرگز تلاش نه ڪري سگهين.[1]

يعني اي غرور ڪرڻ وارا! تون ايئن ڇو ٿو ڪرين...؟ ڇا تون ان قدرتن واري ربّ جو انڪار ڪرين ٿو. ❁ جنهن مٽي مان نطفو بڻايو. ❁ پوءِ هن نطفي سان تو کي صحيح سلامت درست اعضاء وارو انسان بڻايو. ڪيترو چڱو ٿئي ها ته جڏهن تون باغ ۾ داخل ٿيو هئين ته الله پاڪ جي نعمتن جو اقرار ڪرين ها، انهن نعمتن کي پنهنجي فضيلت نه بلڪ الله پاڪ جو انعام سمجهين ها ۽ ان جو شڪر ادا ڪندي چئين ها: مَا شَآءَ اللهُ، لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ **جيڪڏهن تون ايئن ڪرين ها ته تنهنجي حق ۾ بهتر ٿئي ها.** پر تون تڪبر ڪندي مون کي غريب ۽ نادار سمجهي رهيو آهين ڇا اهو ممڪن ناهي ته هن باغ تي آسماني بجلي ڪِري ۽ سڀ ڪجهه تباهه و برباد ٿي وڃي ۽ الله پاڪ مونکي تنهنجي باغ کان به بهتر باغ عطا ڪري ڇڏي.

يعني الله پاڪ توکي مال عطا ڪيو، مون کي غريب رکيو، هي ان جي تقسيم آهي، ان جي عنايت آهي، اهو جنهن کي چاهي، جيئن چاهي رکي، ان ۾ غرور جي ڪهڙي ڳالهه آهي، هي به ته ممڪن آهي ته تون ڪنگال ٿي وڃين ۽ مون کي عطا ڪيو وڃي، ڇا پوءِ اهو صحيح ٿيندو ته مان غرور ڪيان...؟ هرگز نه، غرور ڪرڻ وارا اُن ربّ ڪريم کي هرگز پسند ناهن ايندا، تنهنڪري

1 پاره:15، اَلْكَهْف:37تا41

غرور نہ بلڪ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو...!!

پر ان غير مسلم مالدار تي دولت جو نشو چڙھيل ھو، ھُو غرور تڪبر ۽ فخر ۽ وڏائي ۾ مبتلا ھو، پوءِ ان جي فخر و تڪبر جو نتيجو ڇا نڪتو...!! اُن تي الله پاڪ جو عذاب آيو، ان جا لھرائيندڙ، گھاٽا، سرسبز باغ سيئي تباھ تي ويا، ان جي ٻي مال ۽ اسباب تي بہ عذاب نازل ٿيو، ان جو سڀ ڪجھ برباد ٿي ويو، ھاڻي ھو ھٿ مليندي رھجي ويو ۽ غريب مسلمان جي نصيحت کي ياد ڪندي چئي رھيو ھو:

يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿۴۲﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ڪاش! مون پنھنجي ربّ سان ڪنھن کي شريڪ نہ ڪيو ھجي ھا.[1]

**ڪاش**! مون پنھنجي ربّ سان ڪنھن کي شريڪ نہ ڪيو ھجي ھا.....!! ڪاش! مان ان مسلمان جي نصيحت مڃي ورتان ھا.....!![2] پر

اب کیا ہوت، جب چڑیا چگ گئیں کھیت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿۴۳﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿۴۴﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان**: ۽ ان وٽ ڪا جماعت نہ ھئي جيڪا الله جي اڳيان ان جي مدد ڪري ھا ۽ نہ ئي اھو پاڻ بدلو وٺڻ جي قابل ھو. ھتان پتو پيو تہ سمورو اختيار سچي الله جي ئي لاءِ آھي.[3]

---

1 پاره:15، اَلْکَہْف:42

2 رُوْحُ الْمَعَانِی، پاره: 15، سورۂ کہف، زیر آیت:32تا42، جلد:8، صفحہ:344تا356 خلاصۃً۔

3 پاره:15، اَلْکَہْف:43، 44

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪيتري خوبصورت ڳالھ آهي، قرآن ڪريم جو هي جملو پنهنجي دل تي نقش ڪرڻ گھرجي: اَلْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ يعني سمورو اختيار سچي الله جي ئي لاءِ آهي. اسان ڪھڙي ڳالھ تي غرور ڪيون، ڪھڙي ڳالھ تي فخر ڪيون، ڪھڙي ڳالھ تي تڪبّر ڪيون؟ اسان جو ڇا آهي؟ اَلْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ سمورو اختيار سچي الله جو آهي.

جے چاہویں تے راہ جاندے نُوں تخت عطا فرماویں
جے چاہوَیں تے شاہاں کولوں در در خیر منگاویں

وضاحت: اي الله پاڪ! تون بي نياز آهين، تون چاهين تہ غريبن فقيرن کي تخت عطا فرمائي ڇڏين ۽ جي تون چاهين تہ بادشاهن کي فقير بڻائي ڇڏين. ❁ انڪري ڪڏهن بہ فخر نہ ڪيو ❁ تڪبّر نہ ڪيو ❁ غرور نہ ڪيو ❁ الله پاڪ مال عطا ڪيو آهي تہ هي ان جي عطا آهي ❁ ان ڪنهن کي غريب رکيو آهي تہ هي ان جي تقسيم آهي. صرف مٿو جهڪائي رکو. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ الله يعني جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.[1]

مٹا دے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہے
کہ دانہ خاک میں مِل کر گُلِ گلزار بنتا ہے

الله پاڪ اسان کي ❁ مال ۽ دولت ❁ حُسن و جمال ❁ چڱي آواز ❁ چڱا اخلاق ❁ گھڻي عقلمندي ❁ تيز دماغ ۽ ٻين نعمتن جي معاملي ۾ فخر و

1 معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:382، حديث:4894۔

تڪبّر ۽ غرور ۾ مبتلا ٿيڻ کان محفوظ فرمائي ۽ هميشہ خود پسندي کان بچڻ ۽ عاجزي اختيار ڪندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی! | بُری عادتوں بھی چُھڑا یا الٰہی! |
| مجھے مال و دولت کی آفت نے گھیرا | بچا یا الٰہی! بچا یا الٰہی! |
| نہ دے جاہ و حَشمت نہ دولت کی کثرت | گدائے مدینہ بنا یا الٰہی![1] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) قارون کي ٻي نصيحت

بني اسرائيل جي نيڪ مسلمانن قارون کي ٻي نصيحت ڪندي چيو:

وَ ابْتَغِ فِيْمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو مال توکي اللّٰه ڏنو آهي ان جي ذريعي آخرت جو گهر طلب ڪر.[2]

هيءَ بہ نهايت خوبصورت نصيحت آهي، اللّٰه پاڪ جيڪو ڪجهہ عطا ڪيو آهي ❁ مال آهي ❁ دولت آهي ❁ سنو آواز آهي ❁ چڱي صحت آهي ❁ جواني آهي ❁ ساهہ آهن ❁ جيڪو بہ رب پاڪ جو ڏنل آهي، ان جي ذريعي دنيا نہ بلڪ آخرت طلب ڪيو!

## آخرت طلب ڪرڻ وارا بڻجو...!!

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو:

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:100، 101 ملتقطاً۔
2 پاره:20، قصص:77

انسانو آخرت اڃي رهي آهي، دنيا وڃي رهي آهي. هنن مان هرهڪ جا طالب آهن. توهان آخرت طلب ڪرڻ وارا بڻجو! دنيا چاهڻ وارا نہ بڻجو...!![1]

انهيءَ ڪري آخرت جا طلبگار بڻجو، دنيا وڃي رهي آهي...!! جيڪڏهن، ❁ اسان پنهنجي جواني دنيا تي خرچ ڪيون تہ دنيا بہ ختم، جواني بہ ختم ❁ اسان پنهنجي طاقت دنيا تي خرچ ڪيون، دنيا بہ ختم، طاقت بہ ختم ❁ اسان پنهنجو مال دنيا ناهڻ ۾ خرچ ڪيون تہ دنيا بہ ختم، مال بہ ختم...!! ۽ جيڪڏهن اسان ❁ پنهنجي جواني ❁پنهنجي طاقت❁ پنهنجي ذهانت ❁ پنهنجي سوچ ❁ پنهنجون صلاحيتون❁ پنهنجو مال دنيا جي لاءِ نہ بلڪ آخرت جي لاءِ خرچ ڪيون تہ هي ❁ جواني❁ طاقت❁ مال و دولت ❁ جيتوڻيڪ ختم ٿي ويندو پر آخرت باقي رهندي. ان جي لاءِ عقلمند اهو آهي جيڪو دنيا جو نہ بلڪ آخرت جو طلبگار بڻجندو آهي.

## انسان اهوئي حاصل ڪندو جيڪوان اڳتي موڪليو هوندو

هڪ ڀيري حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه خليفہ سليمان بن عبدالملڪ سان گڏ ڪنهن سفر تي روانا ٿيا. (اڳي دور ۾ اُٺ ۽ گهوڙن وغيره تي سفر ٿيندو هو ۽ خادمن جي ذريعي خيما ۽ ضرورت جو سامان پهريان ڪان منزل تي پهچايو ويندو هو تہ جيئن اُتي پهچڻ تائين خيما تيار هجن)، جيئن تہ خليفہ سُليمان بن عبدالملڪ ۽ ٻين ماڻهن پنهنجا خيما اڳتي موڪلي ڇڏيا پر حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجو سامان ۽ خيمو پهريان ڪان اڳتي نہ موڪليو. جڏهن منزل تي پهتا تہ هر شخص پنهنجي پنهنجي خيمي ۾ هليو ويو پر حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪٿي نظر نہ اچي رهيا هئا، خليفي خادمن کي چيو: وڃو! حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ڳولهي اچو..!! جڏهن ڳولها ڪئي وئي تہ پاڻ هن حالت ۾ مليا جو هڪ وڻ جي هيٺان ويهي

---

1...بخاری،کتاب الرقاق،باب فی الامل و طولہ ،صفحہ: 1581

زاروقطار روئي رهيا آهن، خليفي کي اطلاع ڏني وئي، ان پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه کي سڏي ڪري پڇيو: اي ابو حَفۡص(عمر بن عبدالعزيز)! اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه **فڪرِ آخرت** سان ڀريل، سبق آموز جواب ڏنو، فرمايائون: مون کي قيامت جو ڏينهن ياد اچي ويو.

**ڏسو! (اوهان سيني خيما ڀريائين موڪلي ڇڏيا هئا، اوهان ايندي ئي پنهنجي پنهنجي خيمي ۾ هليا ويا پر) مون گهران ڪا شيءِ اڳتي نه موڪلي هئي، انهي ڪري مون کي هتي ڪجھ نه مليو، قيامت جي ڏينهن به اهائي حالت هوندي، جنهن جيڪو اڳتي موڪليو هوندو، ان کي اهو ئي ڪجھ ملندو.**[1]

| | |
|---|---|
| ہائے حُسنِ عمل نہیں پلّے | حَشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ! |
| آہ! طُغیانیاں گناہوں کی | پار نیّا مِری لگا یارَبّ! |
| گرمیِ حَشر، پیاس کی شِدَّت | جامِ کوثر مجھے پلا یارَبّ! |
| خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ! |
| میرا نازُک بدن جہنّم سے | از طفیلِ رضا بچا یارَبّ! |
| کر دے جنّت میں تُو جَوار اُن کا | اپنے عطّار کو عطا یارَبّ!(2) |

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب!   صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي عبرت جي ڳالھ آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجو سڀ ڪجھ دنيا ناهڻ جي لاءِ خرچ ڪندا رهياسين، آخرت جي لاءِ ڪجھ به اڳتي نه موڪليو ته دنيا ته عنقريب ختم ٿي ويندي، اسان به فنا ٿي وينداسين، پوءِ آخرت ۾ اسان جو ڪجھ نه هوندو، تڏهن اسان ڇا ڪنداسين؟ پوءِ بس حسرت سان اهوئي پڪارينداسين:

---

1...سيرة عمر بن عبد العزيز لابن عبد الحكم،صفحہ:27 بتصرف قليل۔

2...وسائلِ بخشش،صفحہ:79 تا 81 ملتقطًا۔

يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿۲۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي ڪاش! جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ (ڪا نيڪي) اڳتي موڪلي هجي ها.

انهيءَ ڪري هاڻي به وقت آهي، اسان اجان به زنده آهيون، اسان هن خوبصورت نصيحت کي قبول ڪري وٺون.

وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو مال توکي الله ڏنو آهي ان جي ذريعي آخرت جو گهر طلب ڪر.[1]

۽ دنيا جا نه، آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون، الله پاڪ اسان کي جيڪو ڪجهه عطا فرمايو آهي، ان جي ذريعي دنيا نه بلڪ آخرت طلب ڪيون.

## جنتي محل جو سودو

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا ولي ٿي گذريا آهن، هڪ پيري بصره جي هڪ محلي ۾ هڪ زيرِ تعمير عاليشان محل جي اندر داخل ٿيا، ڇا ڏٺائون ته هڪ حسين نوجوان مزدورن، مسترين ۽ ڪم ڪرڻ وارن کي وڏي توجهه سان هر هر ڪم جي هدايت ڏئي رهيو آهي. حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن پنهنجي رفيق حضرت سيدنا جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان فرمايو: ملاحظ فرمايو ته نوجوان محل جي تعمير ۽ تزئين (يعني زيب و زينت) جي معاملي ۾ ڪيتري قدر دلچسپي رکي ٿو مون کي ان جي حال تي رحم اچي رهيو آهي مان چاهيان ٿو ته الله تعاليٰ کان دعا گهران ته ان کي هن حال کان نجات ڏئي، ڪهڙي خبر جو هي جنت جي جوانن مان

1 پاره:20، قصص:77

ٿي وڃي.“ هي فرمائي حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه، حضرت جعفر بن سليمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان گڏ ان وٽ تشريف کڻي ويا، سلام ڪيائون. ان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي نہ سڃاتو. جڏهن تعارف ٿيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي تمام گهڻي عزت ۽ توقير ڪئي ۽ تشريف آوري جو مقصد دريافت ڪيو. حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه (ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي) فرمايائون: توهان هن عاليشان مڪان تي ڪيتري رقم خرچ ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ نوجوان عرض ڪيو: هڪ لک درهم: حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: جيڪڏهن اوهان هي رقم مون کي ڏيو تہ مان اوهان جي لاءِ هڪ اهڙي عاليشان محل جي ضمانت ڏيان ٿو، جيڪو هن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ پائيدار آهي. ان جي مٽي مشڪ و زعفران جي هوندي، اهو ڪڏهن بہ نہ ڪرندو ۽ صرف محل ئي نہ بلڪ ان سان گڏ خادم، خادماڻيون ۽ سرخ ياقوت جا قبا، نهايت شاندار ۽ حسين خيما وغيره بہ هوندا ۽ اُن محل کي رازن ناهي ٺاهيو بلڪ اهو صرف الله تعالٰي جي ”ڪُن“ (يعني ٿي وڃ) چوڻ سان ٺهيو آهي. نوجوان جوابًا عرض ڪيو: مون کي هن جي باري ۾ هڪ رات غور ڪرڻ جي مهلت عنايت فرمايو: حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فرمايو: تمام سٺو.

هن گفتگو کان پوءِ هي حضرات اتان کان هليا آيا، حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي رات جو هر هر اُن نوجوان جو خيال ايندو رهيو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي حق ۾ دعاءِ خير فرمائيندا رهيا. صبح جي وقت ٻيهر ان جي طرف تشريف کڻي ويا تہ نوجوان سندن اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. نوجوان وڏي جوشيلي طريقي سان استقبال ڪندي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ڇا اوهان کي ڪالهہ واري ڳالهہ ياد آهي؟ حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ڇو نہ! نوجوان هڪ لک درهمن جون ٿيلهيون

حضرت مالک بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي حوالي ڪندي عرض گذار ٿيو ته هي رهي منهنجي رقم ۽ هي حاضر آهن قلم، دوات ۽ ڪاغذ.

حضرت مالک بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪاغذ ۽ قلم هٿ ۾ ڪٽي هن مضمون جو بيع نامو تحرير فرمايو: ”بِسمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ هي تحرير هن غرض جي لاءِ آهي ته (حضرت) مالک بن دينار (رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ) فلان بن فلان جي لاءِ هن جي دنياوي مڪان جي عوض الله تعالٰي کان هڪ اهڙي ئي شاندار محل ڏيارڻ جو ضامن آهي ۽ جيڪڏهن هن محل ۾ وڌيڪ ڪجهه ٻيو به هجي ته الله تعالٰي جو فضل آهي. هن هڪ لک درهم جي بدلي ۾ مون هڪ جنتي محل جو سودو فلان بن فلان جي لاءِ ڪيو آهي، جيڪو هن دنياوي مڪان کان وڌيڪ وسيع ۽ شاندار آهي ۽ اهو جنتي محل قربِ الٰهي جي سائي ۾ آهي.“

حضرت مالک بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بيع نامو نوجوان جي حوالي ڪري هڪ لک درهم شام کان پهريان پهريان فقراء ۽ مساڪين ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا. هن عظيم عهد نامي کي لکندي اجان 40 ڏينهن به نه گذريا ته نمازِ فجر کان پوءِ مسجد کان نڪرندي حضرت مالک بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي نگاهه محرابِ مسجد تي پئي، ڇا ڏسن ٿا ته ان نوجوان جي لاءِ لکيل اهو ئي ڪاغذ اتي رکيل آهي ۽ ان جي پٺيان بغير مَس (ink) جي هي تحرير چمڪي رهي هئي: ”الله عزيز حڪيم جي طرفان مالک بن دينار جي لاءِ خوشخبري آهي ته تو جنهن محل جي لاءِ اسان جي نالي سان ضمانت ورتي هئي اهو اسان ان نوجوان کي عطا ڪري ڇڏيو بلڪ ان کان 70 گنا وڌيڪ نوازيو.“

حضرت مالک بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن تحرير کي کڻي جلدي سان نوجوان جي مڪان تي تشريف کڻي ويا، خبر پئي ته اهو نوجوان ڪالهه ئي فوت

تي ويو آهي ۽ هي رسيد ان جي وصيت جي مطابق ڪفن ۾ رکي وئي هئي. (روض الرياحين، ص. 58-59)

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اولياءِ ڪرام جو...!! اولياءِ ڪرام جي چوڻ جي ڇا اهميت آهي؟ انهن جي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ ڇا عزت آهي، ان جو اندازو هن حديث شريف مان لڳايو! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي ٻانهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جو جيڪڏهن اهي ڪنهن ڪم تي الله پاڪ جو قسم کڻن تہ الله پاڪ ان جو قسم ضرور پورو ڪندو آهي.[1]

گفتۂ اُو گفتۂ الله بُوَد | گرچہ از حلقومِ عبد الله بُوَد

**مفهوم**: وليَ جي چيل ڳالھ حقيقت ۾ الله پاڪ ئي جو چوڻ هوندو آهي.

بهرحال پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ الله پاڪ مال عطا فرمايو آهي، نعمتون ڏنيون آهن، انهن جي ذريعي دنيا نہ بلڪ آخرت ڪمايون، پنهنجي آخرت ئي جي فڪر ڪيون. ڇوتہ حقيقي نعمت اهائي آهي جيڪا آخرت جي آرام جو ذريعو بڻجي وڃي.

## انسان جو اصل مال

حضرت مُطَرِّف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والِد کان روايت ڪن ٿا، اهي فرمائن ٿا: مان هڪ ڏينهن بارگاھِ رسالت ۾ حاضِر ٿيس، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سوره اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ جي تلاوت فرمائي رهيا هئا، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: انسان چوندو آهي: منهنجو مال! منهنجو مال! **اي اِبنِ آدم! تنهنجو مال اهو ئي آهي جيڪو تو کائي فنا ڪري ڇڏيو، پائي پراڻو ڪري ڇڏيو، يا صدقو ڏئي اڳتي**

---

1 بخارى، كتاب التفسير، باب يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ...الخ، صفحه:1116، حديث:4500۔

موڪلي ڇڏيو.[1]

کر زمیں کے نیچے بھی جانے کی فکر کام جو کرنے ہیں کر لے آج کل
اونچے اونچے یاں تو بنوائے محلِ روشنی قبر کا بھی سامان کر

## باقي ڇا بچيو....؟

هڪ ڀيري الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گھر مبارڪ ۾ ٻڪري ذبح ڪئي وئي ۽ ان جو سڄو گوشت ورهايو ويو پر ڪنڌ وارو گوشت رکيو ويو، اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا، پڇيائون :مَابَقِيَ مِنْهَا اي عائشہ! ٻڪري جي گوشت مان ڪيترو باقي بچيو آهي؟ مون عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ !سڄو گوشت ورهايو ويو، بَس ڪنڌ وارو گوشت باقِي آهي. پياري آقا، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :بَقِيَ كُلُّهَا غَيْرَ كَتِفُهَا سڄو گوشت بچي ويو آهي، ڪنڌ واري گوشت جو هڪ ٽڪرو(جيڪو تقسيم ناهي ٿيو) اهو نہ بچي سگھيو.[2] يعني جيڪو راهہ خدا ۾ صدقوڏنو ويو، اهو باقي ۽ لازوال ٿي ويو ۽ جيڪو پنهنجي ڪائڻ جي لاءِ رکيو ويو اهو هضم ٿي فنا ٿي ويندو.

هڪ عربي شاعِر وڏي خوبصورت ڳالھ ڪئي آهي:

اَنْتَ لِلْمَالِ اِذَا اَمْسَكْتَهٗ | فَاِذَا اَنْفَقْتَهٗ فَالْمَالُ لَكَ (3)

جيستائين توهان مال کي بچائي رکو ٿا تہ توهان مال جا هوندا آهيو، جڏهن راهہ خدا ۾ خرچ ڪندا آهيو تہ مال توهان جو ٿي ويندو آهي. يعني جيستائين مال اسان وٽ آهي، مال اسان جو نہ آهي، اسان مال جا آهيون، اسان مال جي حفاظت ڪيون ٿا، هر وقت ڊپ رهندو آهي، جيب ۾ وڏي رقم هجي تہ روڊ تان لنگھندي ڊپ ٿي رهيو هوندو آهي، وسوسا ايندا آهن تہ هاڻي هتي ڪو ڦورو نہ

---

1 مُسْلِم، كِتَابُ الزُّهْد، صفحہ:1133، حديث:2958

2 ترمذی، کتاب:صفۃ القیامۃ، صفحہ:586، حدیث:2470

3...احیاء العلوم و الدین، کتاب اذم البخل...الخ، بیان فضیلۃ السخاء، جلد:3، صفحہ:305۔

اچي وڃي يا ڪو جيب ڪترو جيب نہ ڪٽي وڃي، گهر ۾ مال رکيل هجي تہ هر وقت ڌپ لڳل رهندو آهي تہ گرِل (Grill) لڳائي وڃي، مضبوط تالو هجي، تجوري بهترين هجي، سيڪيورٽي گارڊ بيهاريا وڃن، گهر ۾ مال ودولت رکيل آهي ڪٿي چور نہ اچي وڃن، پر جڏهن اسان مال خرچ ڪري ڇڏيندا آهيون، راهِ خدا ۾ صدقو ۽ خيرات ڪندا آهيون تہ اهو مال اسان جو ٿي ويندو آهي. انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ راهِ خدا ۾ خوب صدقو ڪرڻ ۽ مال ۽ دولت جي ذريعي جنّت ڪمائڻ جي فڪر ڪيون.

## هٿ ۾ فالج ڪيئن ٿيو...!

هڪ پيرو مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي خدمت ۾ هڪ عورت حاضر ٿي، ان جي هٿ ۾ فالج ٿي چڪو هو. ان پنهنجو واقعو بيان ڪندي چيو: منهنجو والد وڏو سخي انسان هو ❁ زڪوات ڏيندو ❁ مهمان نوازي ڪندو ❁ سوالين کي عطا ڪندو ❁ ايستائين جو ننڍي ننڍي نيڪي کي بہ نہ ڇڏيندو هو. پر منهنجي والده نهايت ڪنجوس هئي، ڪنهن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو مال خرچ نہ ڪندي هئي.

پهريان منهنجي والد جو انتقال ٿيو. ان جي ٻن مهينن کان پوءِ منهنجي والده جو بہ انتقال ٿي ويو، پوئين رات مون خواب ۾ پنهنجي والدين کي ڏٺو، والد صاحب تي ڦڪي رنگ جون ٻہ چادرون هيون ۽ انهن جي سامهون نهر وهي رهي هئي. مون عرض ڪيو: باباسائين هي ڇا آهي؟ فرمايائون: ڌيءَ! ٻانهو دنيا ۾ جيڪا بہ نيڪي ڪندو اهو ان جو انعام ڏسندو. هي جيڪو ڪجهہ تون ڏسي رهي آهين اهو مون کي منهنجي ربّ عطا ڪيو آهي. مون پڇيو: بابا! امڙ جو ڇا ٿيو؟ انهن پڇيو: ڇا هوءَ انتقال ڪري وئي آهي؟ مون چيو: هائو! ان تي بابا سائين چيو: هاءِ افسوس! ان کي اسان کان پري ڪيو ويو. تون پنهنجي والده کي کاٻي پاسي تلاش ڪر! مان کاٻي پاسي ويس، اُتي مون والده کي اهڙي

حالت ۾ ڏٺو جو سندس هٿ تي چربي جو ننڍو ٽڪڙيو هيو ۽ جسم تي تهبند کان سواءِ ٻيو ڪو ڪپڙو نہ هو ۽ اها هاءِ غلطي! هاءِ افسوس! هاءِ اُج! جا آواز لڳائي رهي هئي. اُج جي سختي جي ڪري اها هٿ ۾ پڪڙيل چربي کي پنهنجي تري تي رهڙي ڪري ان کي چٽي چڏي پئي. ان جي سامهون ئي نهر وهي رهي هئي. مون چيو: اَمان! تون اُج اُج جا آواز لڳائي رهي آهين جڏهن تہ نهر تنهنجي سامهون موجود آهي. اها چوڻ لڳي: مان پاڻي کان پاڻ ناهيان رکي(بلڪ مون کي ان کان روڪيو ويو آهي). هاڻي مون چاهيو تہ مان اڳتي وڌي امڙ کي پاڻي پيئاريان. سو جيئن ئي مون نهر مان ٻُڪ ڀري ڪري امڙ کي پياريو تہ هڪ آواز آيو: جنهن هن عورت کي پاڻي پياريو آهي ان جو هٿ مفلوج (يعني ان جي هٿ ۾ فالج)ٿي وڃي. هاءِ افسوس! جڏهن مان صبح اٿيس تہ منهنجو هٿ مفلوج ٿيل هو ۽ مان ان هٿ سان ڪو ڪم نہ پئي ڪري سگهيس.

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها واقعو ٻڌي ڪري اُن عورت کان پڇيو: ڇا تون اُن ڪپڙي جي ٽڪڙي کي سڃاڻين ٿي(جيڪو تنهنجي والده ٻڌي رکيو هو؟) عرض ڪيائين: جي ها! هي اهو ڪپڙو هيو جيڪو منهنجي والده هڪ پيرو ڪنهن سوالي کي ڏنو هو ۽ اها چربي (جيڪا ان جي هٿ ۾ هئي ۽ ان جي ذريعي اها پنهنجي اُج ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، چربي جو اهو ٽڪڙو) بہ انهن هڪ پيرو صدقو ڪيو هو.

هي ٻڌي ڪري حضرت سيّده عائشہ صديقہ رضي الله عنها چيو: الله اکبر! الله پاڪ سچ فرمايو:

يَوْمَىٕذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ۬ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ؕ﴿۶﴾ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ؕ﴿۷﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جيڪو هڪ ذري برابر ڀلائي ڪري اهو ان کي ڏسندو. ۽ جيڪو هڪ ذري برابر برائي ڪري اهو ان کي ڏسندو.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي صدقي جي برڪت ۽ ڪنجوسي جو وبال.....!! الله پاڪ مال ڏنو آهي، ان کي پاڻ تائين محدود نہ رکو! خوب صدقو ڪيو! زڪوات، صدقہءِ فطر ادا ڪرڻ، نفلي صدقا ڏيڻ. غريبن مسڪينن سان همدردي ڪرڻ ۽ بي سهارن جو سهارو بڻجڻ جي ڪوشش فرمايو!

## صدقي جا فضائل

سيپاري 2، سُوره بَقَرَہ، آيت:245 ۾ ارشاد آهي:

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِیْرَةًؕ

ترجموڪنز الايمان: آهي ڪو جيڪو الله کي قرض حسنہ ڏئي تہ الله ان کي تمام گهڻو وڌائي ڏئي.

حضرت عثمان نَهدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تابعي بزرگ آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن ٻڌايو تہ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مومن ٻانهن کي هڪ نيڪي جي بدلي **10** لک نيڪيون ملنديون. (يعني جيڪڏهن هڪ روپيو راهِ خدا ۾ صدقو ڪيو وڃي تہ ثواب ۾ اهو 10 لک ڀيرا وڌيڪ ٿيندو). حضرت عثمان نَهدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مدينہ منوره حاضِر ٿيا ۽ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان پڇيائون: ڇا اوهان اهو ارشاد فرمايو آهي؟ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه جن فرمايو :مون اهو ناهي چيو، مون تہ اهو چيو هو: **الله پاڪ مومن ٻانهي کي هڪ نيڪي جي بدلي 20 لک ڀيرا وڌيڪ عطا فرمائيندو آهي.**[2]

1 پاره:30، اَلزِّلْزَال:7، 8

2 رُوْحُ الْمَعَانِیْ، پاره:2، تحت الآية:245، جلد:1، صفحه:757۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! الله پاڪ جي ڪيتري ڪرم نوازي آهي، مال بہ ان جو، ڏنو بہ ان، جيڪڏهن اسان انهيءَ جي راهہ ۾ خرچ ڪريون مال بہ محفوظ، ثواب بہ ايترو جو ڳڻپ ۽ حساب ۾ نہ اچي سگهي.

## صدقي ڪرڻ جا فضائل ۽ ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! ✿ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم سُنت آهي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جود و سخاوت جي در تان ڪو سوالي خالي نہ ويندو هو.[1] ✿ صَدَقو گناهن کي ايئن متائي ٿو جيئن پاڻي باهہ کي وسائيندو آهي.[2] ✿ صَدَقو جهنّم جي باهہ کي وسائيندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو اللّٰه پاڪ جي رضا جي خاطِر صَدَقو ڪري تہ اهو صدقو ان جي ۽ باهہ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي.[3] ✿ صَدَقو اللّٰه پاڪ جي غَضَب کي وسائيندو ۽ بُري موت کي دَفۡعَ (يعني پري)ڪندو آهي.[4] ✿ صَدَقو ڪرڻ وارو قيامَت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو.[5] ✿ صَدَقو بُرائي جا**70** دروازا بند ڪندو آهي.[6] صَدَقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي.[7] ✿ مسلمان جو صَدَقو ان جي عمر کي وڌائيندو آهي.[8] ✿ صَدَقو 70 قِسم جي بلائن کي روڪيندو آهي جن مان سيني کان گهٽ

---

1 فيضانِ سخی سرور،صفحہ:6۔
2 ابنِ ماجہ ، کتاب الفتن ،باب کف اللسان فی الفتنہ ،صفحہ:640 ، حدیث:3973 ۔
3معجم کبیر،جلد:10 ،صفحہ:409 ،حدیث:20584۔۔
4 ترمذی، کتاب الزکاۃ، باب ما جاء فی فضل الصدقہ،صفحہ:189،حدیث:664 ۔
5 مشکاۃ المصابیح، کتاب الزکاۃ، باب الانفاق وکراھیہ ...الخ، جلد:1،صفحہ:359 ،حدیث:1887۔
6 سننِ کبری للبیہقی،کتاب الزکاۃ ، باب التحریض علی...الخ ،جلد:4 ،صفحہ:479 ،حدیث:7751۔
7 شُعبُ الْاِیْمَان، باب:الزکاۃ، جلد:3، صفحہ:212، حدیث:3347
8 معجم کبیر، جلد:6، صفحہ:440، حدیث:13508

بدن جو بگڙجڻ ۽ سفيد داغ آهن.[1] ❁ الله پاڪ اسان کي خوب صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## (3) قارون کي ٽين نصيحت

بني اسرائيل جي نيڪ مسلمانن قارون کي ٽين نصيحت ڪندي چيو:

وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ دنيا مان پنهنجو حصو نہ وسار.[2]

هن آيت ڪريمہ ۾ فرمايو ويو تہ دنيا مان پنهنجو حِصّو نہ وسار...!! هن مان ڇا مراد آهي؟ هن حوالي سان هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: هن مان مراد ڪفن آهي.[3]

الله اڪبر! هن دنيا مان اسان جو حِصّو صرف ڪفن جون 2 چادرون آهن ❁ اسان سڄي زندگي ڪمائيندا رهون ❁ ڪارون بہ خريديون ❁ ڪوٺيون ❁ بنگلا بہ ٺهرائي ورتا ❁ اربين کربين روپيہ بہ جمع ڪري ورتا ❁ هزارين ميڊل بہ اسان وٽ جمع آهن ❁ دنيا جي هر طرح جي نعمت اسان وٽ آهي پر اسان هن دنيا مان ڇا ڳڏ کڻي ويندا سين؟ صرف ڪفن جون 2 چادرون ٻيو ڪجهہ نہ...!! هڪ عربي شاعر چئي ٿو:

نَصِيْبُكَ مِمَّا تَجْمَعُ الدَّهْرَ كُلَّهُ | رِدَاءَانِ تُلْوٰى فِيْهِمَا وَ حَنُوْط (4)

---

1 تَارِيْخَ بَغْدَاد، حارث بن مرة، جلد:8، صفحه:204، رقم:4326

2 پاره:20، القصص:77

3 شرح الصدور ، صفحه:23۔

4... التذکرة للقرطبی ،باب ذکر الموت و الاستعدادلہ ، جز:1، صفحه:10۔

ترجمو: يعني تو سڄي زندگي ڪمايو، جمع ڪيو، ان ۾ تنهنجو ڇا حصو آهي؟ ڪفن جون 2 چادرون، جنهن ۾ توکي ويڙهيو ويندو ۽ مردي کي لڳائي ويندڙ خوشبو!

صرف اهو ئي اسان جو حصّو آهي، ان جي مُتعلّق فرمايو ويو ته دنيا مان پنهنجو حصو نه وسار! يعني ڪفن کي ياد رک!

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اِس جہل سے تُو نکل بھی | یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں

## بادشاهن جا عبرتناڪ جملا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي اسان هن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه به ڪريون، جيترو به ڪجهه ڪمايون، جيترو به جمع ڪيون، آخر اسان وٽ ڇا بچندو؟ ڇا گڏ کڻي دنيا مان ويندا سين؟ هڪ ڪفن...!!

جیتنے دُنیا سکندر تھا چلا
جب گیا دُنیا سے خالی ہاتھ تھا

❁ خليفو عبدالملڪ بن مروان وڏي شان و شوڪت وارو بادشاهه هو، جڏهن ان جو آخري وقت آيو ته ڪنهن پڇيو: هن وقت اوهان پاڻ کي ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟ عبدالملڪ بن مروان چيو: بلڪل ايئن ئي محسوس ڪري رهيو آهيان، جيئن قرآنِ ڪريم فرمايو آهي ته

وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ تَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان اسان وٽ اڪيلا آيا جيئن اسان توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هو ۽ توهان پنهنجي پٺيان اهو سڀ مال ۽ متاع ڇڏي آيا جيڪو اسان توهان کي ڏنو هو.[1]

هي آيت پڙهندي ئي ساهه پرواز ڪري ويو.[2]

❁ خليفو هارون الرشيد به نهايت رعب ۽ دٻدٻي وارو بادشاهه هو، جڏهن سندس موت جو وقت آيو ته ان پنهنجو ڪفن گهرايو ۽ ان کي اٿتو سڀتو ڪري باربار ڏسڻ لڳو، پوءِ هي آيت پڙهيائين:[3]

مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ﴿۲۸﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿۲۹﴾

ترجموڪنزالعرفان: منهنجو مال منهنجي ڪنهن ڪم نه آيو. منهنجو سڄو زور ويندو رهيو.[4]

❁ خليفو مُعۡتَصِم نهايت ظالم ۽ سخت دل بادشاهه هو، جڏهن ان جو آخري وقت آيو ته هي پنهنجي بستر تي تڙپندو هو ۽ باربار چوندو هو: لَوْ عَلِمْتُ اَنَّ عُمْرِى هٰكَذَا قَصِيْرٌ مَا فَعَلْتُ جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته منهنجي عمر ايتري گهٽ آهي ته مان بادشاهي نه ڪيان ها.[5]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! هي بادشاهن جا عبرتناڪ جملا آهن، اهي بادشاهه جن زندگي عيش و عشرت ۾ گذاري، خزانن جا انبار سندن اختيار ۾ رهيا، خادمن ۽ خامياڻين جي سندن وٽ ڪا ڪمي نه هئي پر جڏهن دنيا مان

1 پاره:7، اَلْاَنْعام:94

2 احياء العلوم والدين، ڪتاب ذڪر الموت وما بعده، باب فی ڪلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحه:582بتغير

3 احياء العلوم احياء العلوم والدين، ڪتاب ذڪر الموت وما بعده، باب فی ڪلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحه:582بتغيرـ والدين، ڪتاب ذڪر الموت وما بعده، باب فی ڪلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحه:582بتغيرـ

4 پاره:29، اَلْحَاقَّة:28، 29

5 احياء العلوم والدين، ڪتاب ذڪر الموت وما بعده، باب فی ڪلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحه:582بتغيرـ

ويا تہ ڇا کڻي ويا...؟ صرف هڪ ڪفن....!! ٻيو ڪجھ بہ نہ. لهٰذا هي عبرت جو مقام آهي، اسان کي بہ گھرجي تہ دنيا ٺاهڻ جي فڪر ڇڏيون ۽ جيڪو ڪجھ الله پاڪ عطا فرمايو آهي، ان جي ذريعي آخرت جي طلب ۾ لڳي وڃون.

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے
تیری طاقت تیرا فن عُہدہ تِرا | کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ تِرا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا | بے عمل!بے انتہا گھبرائے گا
قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا | یاد رکھ نازک بدن پھٹ جائے گا
کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) قارون کي چوٿين نصيحت

بني اسرائيل جي نيڪ مسلمانن قارون کي چوٿين نصيحت ڪندي چيو:

وَ اَحْسِنْ كَمَاۤ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَیْكَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ احسان ڪر جيئن الله توتي احسان ڪيو آهي.[2]

يعني جيئن الله پاڪ توتي احسان فرمايو، ايئن ئي تون بہ صدقو ۽ خيرات ڪري، نيڪ ڪمن تي مال خرچ ڪري، غريبن، مسڪينن جي دل جوئي ڪري، بُکايلن جي بُک مٽائي ڪري اُنهن تي احسان ڪر..!![1]

---

1... احياء العلوم والدين، كتاب ذكر الموت وما بعده، باب فى كلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحہ:582بتغير۔
2 پارہ:20، القصص:77

## اسان مال جا مالڪ ناهيون، وڪيل آهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هي بہ وڏي اهم نصيحت آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي مال عطا فرمايو، هاڻي اسان کي گهرجي تہ اسان خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪري ان مال جو حق ادا ڪيون. هي ڳالهہ هميشہ ياد رکو تہ اسان مال جا مالڪ ناهيون بلڪ وڪيل آهيون. سرڪارِ غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اَنْتُمْ وُكَلَاءُ عَلٰى هٰذِهِ الْاَمْوَال يعني توهان اُن مال جا وڪيل آهيو.[2]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو، هي مال اسان جو ناهي، اللّٰه پاڪ جو آهي، اسان تہ صرف وڪيل آهيون، يعني اسان کي هي مال ڏنو ويو آهي ۽ اسان هن مال کي صرف اُتي خرچ ڪري سگهون ٿا، جتي اللّٰه پاڪ حڪم فرمائيندو، ❁ حڪم مليو: زڪوات ادا ڪيو! اسان زڪوات ادا ڪري ڇڏينداسين ❁ حڪم مليو: فطرو ادا ڪيو! اسان فطرو ادا ڪري ڇڏينداسين❁ حڪم مليو: غريبن تي خرچ ڪيو! اسان غريبن تي خرچ ڪنداسين. ❁ حڪم مليو: پنهنجي اهل و عيال تي خرچ ڪيو! اسان پنهنجي اهل و عيال تي خرچ ڪنداسين. مطلب تہ مال اللّٰه پاڪ جو آهي، اهو جتي حڪم فرمائيندو، اسان اُتي خرچ ڪنداسين. انهي ڪري اللّٰه پاڪ هي مال اسان کي عطا فرمائي ڪري اسان تي احسان فرمايو، لهٰذا اسان تي لازم آهي تہ اسان اللّٰه پاڪ جي ٻانهن تي احسان ڪيون، انهن جي ڪفالت ڪيون.

## اللّٰه پاڪ جو پيارو ٻانهو

اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو اللّٰه پاڪ جا

---

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:711، 712 ملتقطاً۔

2 جَلَاءِ الخَاطِرْ، مجلس:حقوق الفقراء، صفحہ:110۔

عيال(ان جا ٻانها، ان جا محتاج آهن) آهن، الله پاڪ جو گهڻو پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال کي وڌيڪ فائدو پهچائڻ وارو هجي.[1]

ہو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا
درد مندوں سے ضعیفوں سے محبّت کرنا
میرے اللہ بُرائی سے بچانا مجھ کو
نیک جو راہ ہو، اسی راہ پہ چلانا مجھ کو

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) قارون کي پنجين نصيحت

بني اسرائيل جي نيڪ مسلمانن قارون کي پنجين نصيحت ڪندي چيو:

وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِی الْاَرْضِؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ الْمُفْسِدِیْنَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ زمين ۾ فساد نه ڪر، بيشڪ الله فسادين کي پسند ناهي ڪندو.[2]

هي به هڪ اهم نصيحت آهي. مطلب اهو آهي ته اي قارون! الله پاڪ تو کي مال و دولت عطا فرمايو، ربّ ڪريم توکي اهڙن انعامن سان نوازيو آهي ته هاڻي گناه نه ڪر، انهن نعمتن کي الله پاڪ جي نافرماني ۾ استعمال ڪري زمين ۾ فساد نه مچاءِ.

---

1 موسُوعہ ابنِ ابی دُنیا، کتاب: قضاء الحوائِج، جلد:4، صفحہ:159، حدیث:24۔
2 پارہ:20، القصص:77

## مال ۽ دولت کي گناھ ۾ خرچ ڪرڻ جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن ما معلوم ٿيو تہ مال کي گناھن ۾ استعمال ڪرڻ وڏي ھلاڪت جو سبب آھي. بيشڪ مال ھڪ نعمت آھي ۽ ان نعمت جي متعلق بہ قيامت جي ڏينھن پڇيو ويندو. حديث پاڪ ۾ آھي: انسان قيامت جي ڏينھن ان وقت تائين پنھنجا پير نہ ڪٽي سگھندو جيستائين 5 سوالن جا جواب نہ ڏئي. (1) تو زندگي ڪيئن گذاري (2) جواني ڪھڙي طرح گذاري؟ (3) مال ڪٿان ڪمايو؟ ۽ (4) ڪٿي ڪٿي خرچ ڪيو؟ (5) پنھنجي علم جي مطابق ڪيستائين عمل ڪيو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي غور جو مقام آھي. افسوس! اڄڪلھ بي حسي عام آھي، اسان مال حلال طريقي سان ڪمائي رھيا آھيون يا حرام ذريعي سان؟ ان ڳالھ جي فڪر گھٽ ئي ماڻھو ڪندا آھن. پوءِ اھو مال خرچ ڪٿي ڪري رھيا آھيون؟ ان جي فِڪّر بہ ٿورن ماڻھن کي ھوندي آھي.

الله پاڪ اسان کي فڪرِ آخرت نصيب فرمائي. پنھنجي آمدني ۽ خرچ جي متعلق محتاط رھڻ ضروري آھي. نہ تہ ھي مال اسان کي جھنم ۾ وني وڃڻ جو سبب بہ بڻجي سگھي ٿو. الله پاڪ اسان کي مال ۽ دولت جي حرص کان بچڻ، الله پاڪ جيڪو مال عطا ڪيو آھي، ان جي ذريعي جنت حاصل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

حبّ دُنیا سے تُو بچا یا ربّ! ‏ عاشقِ مصطفےٰ بنا یارَبّ!
آہ! طغیانیاں گُناہوں کی ‏ پار نیّا مری لگا یارَبّ!
نیم جاں کر دیا گُناہوں نے ‏ مرضِ عصیاں سے دے شفا یارَبّ!

حرِصِ دُنيا نکال دے دِل سے | بس رہوں طالِبِ رضا یارَبّ!
کر دے جنّت میں تُو جَوَار اُن کا | اپنے عطّار کو عطا یارَبّ!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ آخرت حاصل ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصّو وٺو! دعوت اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: فجر جي لاءِ جاڳائڻ. نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ آخري نبي، مکي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنت آهي. اَلحَمۡدُلِلّٰه! دعوت اسلامي سان وابسته عاشقانِ رسول جو هڪ تعداد آهي جيڪي هن سُنّت تي عمل جي جذبي جي تحت ماڻهن کي فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي ترڪيب ڪن ٿا. اوهان به هن ديني ڪم ۾ حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ڪوڙ برڪتون ملنديون ❁بين کي جاڳائيندا ته پاڻ کي به فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿيندي. ❁ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ❁اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سيني جي نمازن جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اوهان جي اعمالنامي ۾ به لکيو ويندو.

## آخري وقت ڪلمو نصيب ٿي ويو

ضلع اوڪاڙه (پنجاب، پاڪستان) جي شهر دِيپالپور جي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته منهنجا چاچا محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا مريد ها. ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح جلدي بيدار ٿي پري پري تائين ماڻهن کي

نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندا ها. ان عادت جي ڪري هو ”ديپالپور“ ۾ مشهور ها. هڪ ڀيري فيصل آباد کان گهر موٽي رهيا ها. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي روڪي نمازِ عشاء ادا ڪئي، پوءِ اڳتي روانا ٿيا، گاڏي تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي ته اوچتو چاچي محمد رفيق عطاري بلند آواز سان ڪلمو پاڪ پڙهيو ۽ فرمايو سڀ ڪلمو پڙهو. سڀني ڪلمي شريف جو ورد شروع ڪيو، اڃا ڪجهه ئي دير گذري هئي جو گاڏي کي اوچتو هڪ زور دار جهٽڪو لڳو ۽ ڪائي ۾ ڪري پئي. ٻيا ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر محمد رفيق عطاري کي شديد زخم رسيا، شديد تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي بلند آواز سان ڪلمو شريف جاري هو ۽ ما شَآءَ الله! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا.

فضل و کرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعده (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن به جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعده (***Madani Qaida***). هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (***Audio***) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (***Click***) ڪندا، آڊيو (***Audio***) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (***Practice***) ڪري درست مخارج ۽

ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺندا، پاڻ به فائدو حاصل ڪندا ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرِسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِى فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرمو پائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جو نه هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون پيدا ڪندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! ❁ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ❁ ڪارو سرمو يا ڪاجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي پائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت مقصود نه هجي ته ڪراهت ناهي، ❁ سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي ❁ سرمو استعمال ڪرڻ جي 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 (3): ته ڪڏهن ٻنهي اکين

1 مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

2 ابن ماجه، كتاب الطب، باب:الكحل بالاثمد، صفحه:566، حديث:3497۔

۾ به به ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تنهين طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! ادب ۽ تعظيم جا جيترا به ڪم آهن سڀ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا, تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو لڳايو پوءِ کاٻي ۾.[1]

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 550سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔